

# چيف جسٽس کي ڪهڙي ڏوهہ جي سزا ملي!؟

**_ جامي چانڊيو**

جيتوڻيڪ چيف جسٽس افتخار محمد چوڌريءَ خلاف جنرل مشرف پاران داخل ڪيل ريفرنس کان اڳ بہ ملڪ جون سياسي حالتون ڪي بهتر يا نارمل نہ هيون پر چيف جسٽس خلاف ريفرنس ۽ ڪيس عملي طور معطل ڪرڻ جي قدم ڪانپوءِ تہ سڄو ملڪ ٻري اُٿيو آهي. عوام کي تہ ملڪ جي سياست جي ميدان تان هوئنءَ ئي ڏِڪي ٻاهر ڪيو ويو آهي، ان ڪري اُهو هن بحران ۾ رياست جي سموري بحران کي وڏي غور ۽ گهرائيءَ سان ڏسي پيو. جيئن تہ هن ڀيري حملو ڊمي پارليامينٽ بدران عدليہ تي آهي، ان ڪري ملڪ ۾ گهڻي مزاحمت وڪيلن ڪئي آهي. سپريم ڪورٽ جي اڳوڻن ججن بہ گهڻي زماني ڪانپوءِ رياست جي بحران ۽ رويي بابت چَپ چوريا آهن. اسٽيٽسڪو جي ترجمان سياسي پارٽين جي بہ مجبوري تي پئي آهي تہ اُهي رسمي طور ئي سهي پر ڳالهائين. بهرحال مجموعي طور چيف جسٽس خلاف جنرل مشرف جي قدم ۽ داخل ڪيل ريفرنس ملڪ کي هڪ عجيب موڙ تي آڻي بيهاريو آهي. هن سڄي بحران جا پس و پيش نتيجا ڇا نڪرندا، ان بابت ملڪ جي ميڊيا، سياسي ۽ عوامي حلقن ۾ تجزين ۽ ڏُڪَن جي بازار گرم آهي.



## پاڪستان جنرل مشرف جي دؤر ۾:

جيتوڻيڪ ملڪ جي ”اڇي ڪاري“ جي مالڪن گڏريل ڇهن ڏهاڪن کان ملڪ کي جيئن هلايو آهي ۽ خاص طور جن مفادن لاءِ هٿيار ڪري هلايو آهي، ان جي نتيجي ۾ عوام ۽ خاص طور ملڪ جي مظلوم قومن جي عوام کي تہ هاڻي هن ملڪ بابت ڪابہ غلط فهمي نہ رهي آهي. هي ملڪ ڇا آهي؟ پاڪستان هڪ جمهوري رياست آهي يا نہ؟ پاڪستان ۾ وفاق جو ڪو وجود آهي يا نہ؟ ماضيءَ ۾ رهيو آهي يا نہ؟ ملڪ ۾ ڪڏهن جمهوري رهي بہ آهي يا اُها عوام سان هڪ ريشمي دوکي جو ٻيو نالو آهي؟ پاڪستان هڪ آزاد ۽ خود مختيار ملڪ آهي يا نہ؟ هي ملڪ پس و پيش ڪنهن جي مفاد لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي؟ هتي پارليامينٽس ڪيئن وجود ۾ اينديون آهن؟ انهن لاءِ چونڊن جو ڊونگ ڪيئن رچايو ويندو آهي؟ اِهي ۽ اهڙا سمورا بنيادي سوال هاڻي عوام لاءِ ڳُجها نہ رهيا آهن. ملڪ جي تاريخ ۾ هر آمر پاڻ سان ملڪ جو هڪ نئون تعارف ڪٽي آيو. ايوب خان جي دؤر ۾ ملڪ ۾ ون يونٽ نافذ رهيو. ملڪ ۾ ڏنڊي جي زور تي حاڪميت واري روايت بہ ايوب خان جي متعارف ڪرايل آهي، هٿ وٺي ملڪ ڪيئن ٽوڙيا آهن؟ ۽ سڄو ڏينهن شرابن ۾ مست ٿي سدا سهاڳڻين جي ٻاڪرن ۾ حڪومتون ڪيئن هلائبيون آهن،اِهي روايتون ملڪ جي تاريخ ۾ يحييٰ خان متعارف ڪرايون. اسلام کي عوام خلاف هٿيار طور ڪيئن استعمال ڪجي؟ اسلام جي نالي ۾ ملڪ کي سامراجي ڪالوني ڪيئن بڻائجي؟ مذهب ۽ جهاد جي نالي ۾ جنونيت جي انڊسٽري ڪيئن لڳائجي؟ چوويهہ ڪلاڪ عوام جي اکين ۾ ڌوڙ ڪيئن وجهجي ۽ وقت پوڻ تي عوام تي بم ۽ بارود ڪيئن اُڇلائجن؟ ماڻهن کي جمهوريت ۽ سياسي حق گهرڻ جي ڏوهہ ۾ ڦاهيون، ڦٽڪا ۽ قيد ڪيئن ڏجن، انهن ”عظيم“ روايتن جو امين جنرل ضياءُ الحق آهي، ايئن جنرل مشرف بہ پاڻ سان گڏ رڳو پنهنجو ئي نہ پر ملڪ جو بہ هڪ بنهہ نئون تعارف ڪٽي آيو. ملڪ کي دهليءَ جي ٺڳن جيان ڪيئن هلائجي؟ ڪوڙ منافقي ۽ فريب جا نوان رڪارڊ ڪيئن قائم ڪجن؟ روشن خياليءَ جو چهرو مسخ ڪري عوام جو ان تان ويساهہ ڪيئن کڻائجي؟ فرعونيت سان عوام مٿان زوريءَ راڄ ڪيئن ڪجي؟ سياست کي وڏيڪ ڪرپٽ ۽ عوام لاءِ نفرت جوڳو ”ڏنڊو“ ڪيئن بڻائجي؟ ڪاغذي پارليامينٽ ۽ بي اختيار سياسي حڪومتون ڪيئن ٺاهجن؟ ميڊيا کي ڪيئن دٻائجي ۽ پنهنجي ملڪ جي شهرين ۽ اڳواڻن تي ميزائيلن سان حملا ڪيئن ڪجن؟ _ اهي ۽ اهڙين اڪيچار روايتن جو مهندار ملڪ تي پاڻ مرادو مڙهيل جنرل مشرف آهي. جنرل مشرف جي دؤر ۾ هيٺيان نتيجا صاف ڏسي سگهجن ٿا.

- ملڪ جي هڪ اڳوڻي وزيراعظم کي جلاوطن رهڻ تي مجبور ڪيو ويو ته ٻئي کي زوريءَ جلاوطن ڪيو ويو.
- عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ سَتَ_نقاطي فراڊي فارمولا پيش ڪيو ويو، جنهن ۾ وعدا ڪيا ويا ته ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت بحال ٿيندي، پارليامينٽ خود مختيار هوندي، صوبن کي مڪمل خود مختياري ملندي ۽ ملڪ جي خود مختياري بحال ٿيندي. گذريل ستن سالن ۾ جنرل مشرف جي ستن نقطن جي حوالي سان عوام سان جيڪو سنگين ۽ توهين آميز مذاق ٿيو آهي، اهو هاڻي هڪ کُليل راز آهي.
- ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو رات وچ ۾ مسلم ليگ (ق) جي نالي ۾ هڪ نام نهاد سياسي پارٽي ٺاهي وئي.
- ملڪ جي تاريخ جون بدنام ترين چونڊون ٿيون، جنهن ۾ Pre_Election Rigging جو تصور متعارف ڪرايو ويو.
- ملڪ جي تاريخ ۾ هڪ مڪمل طور ڏمي پارليامينٽ وجود ۾ آندي وئي.
- ملڪي تاريخ جي سڀ کان بي اختيار ۽ نام نهاد سياسي حڪومت قائم ڪئي وئي ۽ هڪ ئي پارليامينٽ ۾ هڪ ئي پارٽيءَ جا ٽي وزيراعظم تبديل ڪيا ويا.
- نسل پرستيءَ جو مظاهرو ڪندي ملڪ تي ۽ خاص طور تي سنڌ تي دهشتگردن کي مڪمل طور مڙهيو ويو ۽ مٿن قائم سنگين ڏوهن جا ڪيس معاف ڪيا ويا.
- ڏوهن ۽ قتل جي ڪيسن ۾ ملوث دهشتگرد کي سنڌ جو گورنر بڻايو ويو.
- غير قانوني ۽ غير آئيني طور سنڌ جي مستقل مفادن خلاف گريٽر ٿل ڪئنال جي تعمير شروع ڪئي وئي ۽ واپڊا جي Vision 2025 جي نالي ۾ سنڌو درياهه جو پاڻي مڪمل طور چورائڻ لاءِ ملڪ دشمن ۽ سنڌ دشمن منصوبن تي عمل شروع ڪيو ويو.
- ڪالاباغ ڊيم جهڙن منصوبن جي تعمير تي زور ڏئي صوبن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ جي رفتار کي تيز ڪيو ويو.
- عوام ۽ رياست جي تضاد کي تيز ڪيو ويو.
- ملڪ جي هڪ ناميارِي بلوچ اڳواڻ نواب اڪبر بگٽيءَ کي رياستي دهشتگرديءَ ذريعي قتل ڪيو ويو.
- بلوچستان تي بدترين ملٽري آپريشن ڪيو ويو ۽ سنڌ ۽ بلوچستان جي سوين، هزارين ڪارڪنن کي رياستي ادارن هٿان اغوا ڪري گم ڪيو ويو.
- وانا ۾ آپريشن ڪري هزارين شهرين مٿان بم ڪيرايا ويا.
- ملڪ کي مڪمل طور آمريڪي ڪالونيءَ ۾ تبديل ڪيو ويو.



- ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس کي نه رڳو آرمي هائوس گهرايو ويو پر ڪيس عملي طور معطل ۽ نظربند ڪيو ويو.

## چيف جسٽس کي ڪهڙي ڏوهه جي سزا ملي!؟

هونئن عام طور ملڪ ۾ هر ڀيري وزيراعظم ۽ پارليامينٽس کي گهَر_ڀيڙو ڪيو ويندو آهي پر جيئن ته هن ڀيري جنرل مشرف نام نهاد چونڊن کان اڳ ئي اهڙو ”انتظام“ ڪري ڇڏيو هو ان ڪري حڪومت يا پارليامينٽ مان جنرل کي تضاد ته ڇا پر ڪنهن جزوي امڪان جو به گمان نه هو. جي شين جي اندر تضاد موجود هوندا ته ان جا محرڪ پنهنجي اظهار لاءِ ڪهڙيءَ ريت به سامهون اچي سگهن ٿا. اهڙن لقائن کي فلسفي جي ٻوليءَ ۾ لازمي حادثا چئبو آهي. هن ڀيري اتفاق اهو ٿيو ته سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس اهڙو ماڻهو ٿي سامهون آيو، جنهن اهو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن جي هن کي پگهار ملندي آهي. چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري ڪي به غير معمولي ڪارناما ڪونه ڪيا هئا. هن شريف ماڻهوءَ رڳو پنهنجو اصل منصبي ڪم پئي ڪيو. جيئن ته هن ملڪ ۾ ڪامورن، پارليامينٽيرين ۽ ججن کي پگهار ملندي ئي پنهنجي فرض ۽ منصب جي خلاف اُبتا ڪم ڪرڻ جي آهي، ان ڪري هن ملڪ ۾ ڪو شريف ماڻهو رڳو پنهنجو پيشيوراڻو ڪم ٿو ڪري ته اهو عوام لاءِ سندس ڪارنامو ۽ رياست لاءِ سندس سنگين ڏوهه ٿيو پوي، موجوده چيف جسٽس جو ڏوهه به اهو آهي ته هن ڪم تي ڪيو ۽ ڪم تي ڪرڻ چاهيو. جنهن مان جنرل مشرف کي سخت خطرو ٿي پيو. چاڪاڻ ته هڪ فرض شناس جج اُهي ڪم نه ڪري ها، جن جي جنرل مشرف کي ضرورت هئي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته هن عوام کي انصاف ڏيڻ شروع ڪيو هو. ماڻهن کي اهڙا ”ڏوهه“ ڪرڻ ڪانپوءِ ”سزا“ ملندي آهي پر جسٽس چوڌريءَ کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ۽ امڪاني ”نافرمانيءَ“ جي سزا ملي آهي. صاف نظر پئي آيو ته جسٽس چوڌري ايندڙ چونڊن ۾ مشرف سرڪار لاءِ مسئلو پيدا ڪري ها ۽ خاص طورورديءَ واري مسئلي ۾ مشرف لاءِ ڏکيائيون پيدا ڪري ها. بس اهو ئي جسٽس چوڌريءَ جو ڏوهه هو، جنهن جي هو سزا ڀوڳي رهيو آهي.

## هن بحران جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا؟

جيتوڻيڪ هن بحران جا فوري اثر به غير معمولي آهن، جو سمورو ملڪ هن اِشوءَ تي ٻري اُٿيو آهي ۽ ڇيو ڀيو وڃي ته ممڪن آهي ته اهو اِشو جنرل مشرف جي تڏا ويڙهه جو بنياد ثابت ٿئي، پر حقيقت ۾ هن واقعي جا اصل ۽ پيچيده نتيجا ڏگهي مُدي وارا آهن.

جيڪي ڪوتاهه نظر فوجي حڪمران ڏسي نٿا سگهن. هن واقعي جي هيئنين نتيجن تي غور ڪري سگهجي ٿو.

- جنرل مشرف جي سموري دؤر ۾ خاص طور هن واقعي نه رڳو جنرل مشرف ۽ اسٽيبلشمينٽ پر دراصل رياست جي اصل ڪردار کي مڪمل طور دنيا آڏو وائکو ڪري ڇڏيو آهي، جيڪا پاڪستان جي مخصوص حالتن ۾ هڪ غير معمولي ڳالهه آهي. نتيجي ۾ پاڪستان تيزيءَ سان هڪ گهڻ طرفي سنگين بحران ۽ تباهه ڪُن ڏُبڻ ڏانهن وڌي رهيو آهي، جنهن مان سندس بچي نڪرڻ جا امڪان تمام محدود ۽ گهٽ نظر اچن ٿا.
- رياست ۽ عوام جو تضاد شديد ٿي چڪو آهي. هر اهو فرد، شعبو، منصب، پارٽي يا اڳواڻ جيڪو سچ پچ عوام جي پاسي آهي ۽ عوام لاءِ ڪم ڪري ٿو رياست ان کي پنهنجو حريف ئي نه پر دشمن تصور ڪري ٿي ۽ ايئن ئي عوام رياست لاءِ محسوس ڪري ٿو. رياست ۽ عوام جو تضاد نهايت خوفناڪ ۽ پيچيده ٿيندو آهي. پاڪستان ۾ اِهو تضاد پنهنجي چيهه کي رسي رهيو آهي.
- پاڪستان بابت رڳو ملڪ جي عوام کي نه پر عالمي طور به دنيا کي ڪا غلط فهمي نه رهي آهي. اڳ پاڪستان کي Client State چيو ويندو هو هاڻي قصو ان کان به اڳتي وڌيل آهي. پاڪستان کي چوويهه ڪلاڪ پنهنجي عوام ۽ مظلوم قومن خلاف آپريٽ ڪندڙ رياست ۾ تبديل ڪيو ويو آهي.
- عوام کي هاڻي رياست جي ڪنهن به ناٽڪي وهنوار مان نه ڪا اُميد بچي آهي ۽ نه ان ۾ ڪا دلچسپي رهي آهي. نتيجي ۾ اسٽيٽسڪو جي سياسي ميڊيا توڙي سوچ لاءِ هاڻي Space ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو آهي.
- اها ڳالهه هاڻي ملڪ ۾ تيزيءَ سان وڌي رهي آهي ته هن ملڪ ۾ ڪو به سلامت نه آهي. جنهن ملڪ ۾ چيف جسٽس کي چورن جيان رستن تي گهليو وڃي ۽ ڪيس نظربند ڪيو وڃي، اُتي عام ماڻهو پاڻ بابت ڪهڙي سلامتيءَ جا احساس رکندو. اها ڳالهه ماڻهن تي مڪمل طور واضح ٿي چڪي آهي.

سوال اِهو آهي ته رياست جي هن بدترين بحران جو سياسي ۽ عوام جي حق ۾ فائدو وٺندڙ سياسي ڌريون ڪيترو طاقتور آهن ۽ هن بحران جي معروضي محرڪن کي عوام ۽ مظلوم قومن جي مفادن جي حق ۾ ڪيترو استعمال ڪري سگهڻ جي پوزيشن ۾ آهن. اهو هن دؤر جو وڏي ۾ وڏو عوامي ۽ سياسي سوال آهي.